# 101 مدني گل


| | |
|---|---|
| سلام جا 11 مدني گل | 2 |
| هٿ ملائڻ جا 13 مدني گل | 5 |
| ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جا 12 مدني گل | 7 |
| ننڊ ڪرڻ جي آداب جا 17 مدني گل | 10 |
| ننهن ڪٽڻ جا 9 مدني گل | 13 |
| جُتي پائڻ جا 7 مدني گل | 15 |
| گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا 12 مدني گل | 18 |
| سرمو لڳائڻ جا چار مدني گل | 20 |
| سمهڻ جاڳڻ جا 15 مدني گل | 22 |



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

مُحمّد الياس عطّار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَت بَرَکَاتُهُمُ العَالِيه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# 101 مدني گل

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# 101 مدني گل

شيطان کيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو مکمل پڙهي وٺو ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ کافي سنتون سکڻ لاءِ ملنديون.

## درود شريف جي فضيلت

رسول اڪرم، نور مُجسَّم، رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان رحمت نشان آهي: ”قيامت جي ڏينهن **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي ڇانوَ کان علاوه ڪا بي ڇانوَ نہ هوندي ٿي شخص **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا، عرض ڪيو ويو: يارسول **الله** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهي ڪير هوندا؟ ارشاد فرمايائون: (1) اهو شخص جيڪو منهنجي امتي جي پريشاني ختم ڪري (2) منهنجي سنّت زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پڙهڻ وارو.“

(البدور السافرة في امور الاخرة للسيوطي ص 131 حديث 366)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!   صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت، شمع بزم هدايت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكوٰة المصابيح ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هاڻي مختلف عنوانن تي مدني گل پيش ڪجن ٿا، پيش ڪيل هر مدني گل کي سنّت رسول مقبول علٰي صاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي محمول نه فرمايو، ان ۾ سنتن کان علاوه بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِيْن کان منقول مدني گل به شامل آهن. جيستائين يقيني طور تي معلوم نه هجي، ڪنهن عمل کي ”سنتِ رسول“ نٿو چئي سگهجي.

## ”اَلسَّلَامُ عَلَيْكُم“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان سلام جا 11 مدني گل

﴿1﴾ مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. ﴿2﴾ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل بهار شريعت جلد 3 صفحي 469 تي لکيل مسئلي جو خلاصو آهي: ”سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيّت هجي ته جنهن کي سلام ڪري رهيو آهيان ان جو مال ۽ عزت، آبرو سڀ ڪجهه منهنجي حفاظت ۾ آهن ۽ مان انهن مان ڪنهن شيء ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿو“ ﴿3﴾ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچڻ وڃڻ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ﴿4﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي ﴿5﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو **الله** عَزَّوَجَلَّ جو مُقرّب آهي ﴿6﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان به بَري آهي جيئن منهنجي مڪي مدني آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري آهي. (شعب الايمان ج 6 ص 433 حديث 8786) ﴿7﴾ سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ واري

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿين ٿيون. (جامع الصغير للسيوطي،الحديث 487 ص 36) **﴿8﴾** اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون، گڏوگڏ وَرَحْمَةُ الله به چوندا ته 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪندؤ ته 30 نيڪيون ٿي وينديون. ڪي ماڻهو سلام سان گڏ جنّت المقام ۽ دوزخ الحرام جا الفاظ به وڌائيندا آهن اِهو غلط طريقو آهي، بلڪ ڪي ته مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ ايتري تائين بڪندا آهن، اوهان جا ٻار اسان جا غلام.

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه جلد 22 صفحي 409 تي فرمائن ٿا: گهٽ ۾ گهٽ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ ۽ ان کان بهتر وَرَحْمَةُ الله ملائڻ، ۽ سڀ کان بهتر وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪرڻ ۽ ان کان علاوه زيادتي ناهي. پوءِ سلام ڪرڻ واري جيترن لفظن ۾ سلام ڪيو آهي جواب ۾ ايترا الفاظ موٽائڻ ضروري آهي ۽ افضل اهو آهي ته جواب ۾ زياده چئي. هُن اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چيو ته هي وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ الله چوي ۽ جيڪڏهن هُن اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ الله چيو ته هي وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چوي ۽ جيڪڏهن ان وَبَرَكَاتُهٗ تائين چيو ته هي به ايترو ئي چوي ان کان وڌيڪ ناهي. والله تعاليٰ أعلم **﴿9﴾** اهڙي طرح جواب ۾ وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي 30 نيڪيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون **﴿10﴾** سلام جو جواب جلدي ۽ ايڏي آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي **﴿11﴾** سلام ۽ سلام جي جواب جو صحيح تَلَفُّظ ياد ڪري وٺو. پهريان مان چوان ٿو اوهان ٻڌي دُهرايو:

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

اَلسَّلامُ عَلَيْكُمْ (اَسْ۔سَلامُ۔عَلَیْ۔كُمْ) هاڻي پهريان مان جواب ٻڌايان ٿو پوءِ اوهان دُهرايو: وَعَلَيْكُمُ السَّلام (وَعَلَیْكُ۔مُسْ۔سَلَام)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر　　پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

# ”هٿ ملائڻ سنت آهي“ جي 13 اکرن جي نسبت سان هٿ ملائڻ جا 13 مدني گل

**﴿1﴾** ٻن مسلمانن جو ملاقات جي وقت سلام ڪري ٻنهي هٿن سان مصافحو يعني ٻئي هٿ ملائڻ سنّت آهي **﴿2﴾** موڪلائڻ وقت به سلام ڪريو ۽ هٿ به ملائي سگهو ٿا **﴿3﴾** نبي مُڪَرَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان مُعظم آهي: ”جڏهن ٻه مسلمان ملاقات ڪندي مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) ۽ هڪٻئي کان خيريت معلوم ڪندا آهن ته **الله** عَزَّوَجَلَّ انهن جي وچ ۾ سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي، جنهن مان نوي رحمتون زياده گرم جوشي سان ملڻ واري ۽ سٺي نموني سان پنهنجي ڀاءُ کان خيريت پڇڻ واري جي لاءِ هونديون آهن.“ (المعجمُ الاوسط للطبراني ج 5 ص 380 حديث 7672) **﴿4﴾** جڏهن ٻه دوست پاڻ ۾ ملندا آهن ۽ هٿ ملائيندا آهن ۽ نبي (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) تي درود پاڪ پڙهندا آهن ته انهن ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهريان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناهه بخشيا ويندا آهن. (شعب الايمان للبيهقي، حديث 8944 ج 6 ص 471) **﴿5﴾** هٿ ملائڻ وقت درود شريف به پڙهو، ٿي سگهي ته هي دعا به پڙهو: ”يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ“ (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرماءِ) **﴿6﴾** ٻه مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪي دعائون گهرندا اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ قبول ٿينديون. هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي. (مسند امام احمد بن حنبل حديث 12454 ج 4 ص 286) **﴿7﴾** پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني ختم ٿيندي آهي. **﴿8﴾** فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان

مصافحو ڪري ۽ ڪنهن جي دل ۾ بئي جي لاءِ عداوت نہ هجي تہ هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان **الله** تعاليٰ ٻنهي جا پويان گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ جيڪو مسلمان پنهنجي مسلمان ڀاءُ ڏانهن محبت ڀري نگاهہ سان ڏسي ۽ اُن جي دل يا سيني ۾ عداوت نہ هجي تہ نگاهہ موٽڻ کان پهريان ٻنهي جا پنيان گناهہ معاف ڪيا ويندا. (ڪنزالعمال ج 9 ص 57 حديث 25358) **﴿9﴾** جيترا ڀيرا ملاقات ٿئي هر ڀيري هٿ ملائي سگهو ٿا **﴿10﴾** ٻنهي طرفن کان هڪ هڪ هٿ ملائڻ سنّت ناهي، مصافحو ٻنهي هٿن سان ڪرڻ سنّت آهي (ردالمحتار ج 9، ص 629) ڪي ماڻهو صرف پاڻ ۾ آڱريون ملائيندا آهن، اهو بہ سنّت نہ آهي **﴿11﴾** هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجو هٿ چُمڻ مڪروهہ آهي. هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجي تري چمڻ وارا اسلامي ڀائر پنهنجي اها عادت ڇڏي ڏين. (بهارِ شريعت ج 3 ص 472) **﴿12﴾** جيڪڏهن اَمرَد (يعني خوبصورت ڇوڪري) سان هٿ ملائڻ ۾ شهوت ٿيندي هجي تہ ان سان هٿ ملائڻ جائز ناهي بلڪ جيڪڏهن ڏسڻ ۾ شهوت ٿئي تہ هاڻي ڏسڻ بہ گناهہ آهي. (درمختار ج 2 ص 98) **﴿13﴾** مصافحو ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) وقت سنّت هي آهي تہ هٿ ۾ رومال وغيره نہ هجي، ٻئي تِريون خالي هجن ۽ تريءَ سان تري ملڻ گهرجي. (ردالمحتار ج 9، ص 629)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر　　پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو
صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)

## "ٻُڌا! هڪ چُپ هزار سُک" جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جا 12 مدني گل

﴿1﴾ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ سنّت آهي ﴿2﴾ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ ثواب حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻنهي وٽ توهان معزز رهندؤ ﴿3﴾ وڏي آواز سان ڳالهائڻ جيئن اڄڪلهہ دوست پاڻ ۾ بي تڪلفي سان ڳالهائيندا آهن، اهو سنّت نہ آهي ﴿4﴾ ڪٿي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين نيتن سان ان سان بہ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ ٻار بہ آدب سکندو ﴿5﴾ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سٺي ڳالهه ناهي، ان سان ٻين کي ڪراهت محسوس ٿيندي آهي ﴿6﴾ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي ته اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالهه ڪٽي پنهنجي ڳالهه شروع ڪرڻ سنّت ناهي ﴿7﴾ ڳالهه ٻولهه ڪندي بلڪ ڪنهن به حالت ۾ ٺهڪ نه ڏيو ڇوته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به ٺهڪ نه ڏنو ﴿8﴾ گهڻو ڳالهائڻ ۽ هر هر ٺهڪ ڏيڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي ﴿9﴾ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: "جڏهن توهان ڪنهن ٻانهي کي ڏسو ته اُن کي دنيا کان بي رغبتي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نعمت عطا ڪئي ويئي آهي ته اُن جي ويجهڙائي ۾ صحبت اختيار ڪريو ڇوته اُن کي حڪمت عطا ڪئي ويندي آهي." (سنن ابن ماجه، ج 4 ص 422 الحديث 4101) ﴿10﴾ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "جيڪو چُپ رهيو، ان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو." (سنن ترمذي ج 4 ص 225 حديث 2509) مِراٰة المَناجيح ۾ آهي: حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الوَالِي فرمائن ٿا ته گفتگو جا چار قسم آهن:

(1) خالص مُضر (يعني مڪمل طور تي نقصان ڏيندڙ) (2) خالص مفيد (يعني فائديمند) (3) مُضر به مفيد به (4) نه مُضر نه مفيد.

خالص مُضِر (يعني مڪمل نقصان ڏيندڙ) کان هميشه بچڻ ضروري آهي. خالص مفيد ڳالهه ضرور ڪريو، جيڪو ڪلام مُضر به هجي ۽ مفيد به اُن جي ڳالهائڻ ۾ احتياط ڪري بهتر اهو آهي ته نه ڳالهائي ۽ چوٿين قسم جي ڪلام ۾ وقت ضايع ڪرڻ آهي. انهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

ڪلامن ۾ امتياز ڪرڻ ڏکيو آهي تنهنڪري خاموشي بهتر آهي. (مرآة المناجيح ج 6 ص 464) **﴿11﴾** ڪنهن سان ڳالهه ٻولهه ڪجي ته ان جو ڪو صحيح مقصد به هئڻ گهرجي ۽ هميشه مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهه ڪئي وڃي **﴿12﴾** بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو ته ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوي رضويه، ج 21 ص 127) ۽ بي حيائي جي ڳالهه ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالهه) کان ڪم وٺي ٿو.“ (ڪتاب الصمت مع موسوعہ الامام ابن ابي الدنيا ج 7 ص 204، رقم 325)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينه** جا شايع ٿيل به ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان ڇڪ ڏيڻ جي آداب جا 17 مدني گل

ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ الله عَزَّوَجَلَّ کي ڇڪ پسند آهي ۽ اوٻاسي ناپسند. (بخاري ج 4 ص 163 حديث 6226) ﴿2﴾ جڏهن ڪنهن کي ڇڪ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوي ته ملائڪ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اُهو رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ چوندو آهي ته ملائڪ چوندا آهن: اللهعَزَّوَجَلَّ تو تي رحم فرمائي. (المعجم الكبير ج 11 ص 358 حديث 12284) ﴿3﴾ ڇڪ جي وقت مٿو جهڪايو، منهن لڪايو، ۽ آواز آهستي ڪيو، ڇڪ جو آواز بلند ڪرڻ بيوقوفي آهي. (ردالمحتار ج 9 ص 684) ﴿4﴾ ڇڪ اچڻ وقت اَلْحَمْدُ لِلّٰه چوڻ گهرجي. (خزائن العرفان صفحي 3 تي طحطاوي جي حوالي سان ڇڪ اچڻ تي حمد الٰهي کي سنتِ مؤكده لکيو آهي) بهتر اهو آهي ته اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ يا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰي كُلِّ حَال چوي ﴿5﴾ ٻڌڻ واري تي واجب آهي ته فورًا يَرْحَمُكَ الله (يعني اللهعَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي) چوي ۽ ايتري آواز سان چوي جو ڇڪ ڏيڻ وارو ٻڌي. (بهار شريعت، جلد 3 حصو 16، ص 476) ﴿6﴾ جواب ٻڌي ڇڪ ڏيڻ وارو چوي: ”يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَ لَكُمْ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي) يا هي چوي: ”يَهْدِيْكُمُ اللهُ وَ يُصْلِحُ بَالَكُمْ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال صحيح ڪري)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

(عالمگيري ج 5 ص 326) ﴿7﴾ جيڪو ڇِڪ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَلٰی کُلِّ حَال چوي ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيري ڇڏي تہ انشآءالله عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي بيمارين ڪان محفوظ رهندو. (مراٰة المناجيح ج 6 ص 396) ﴿8﴾ حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ کَرَّمَ اللہُ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْکَرِیْم فرمائن ٿا: جيڪو ڇِڪ اچڻ تي اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَلٰی کُلِّ حَال چوي تہ اُهو ڏاڙ ۽ ڪن جي بيماري ۾ ڪڏهن بہ مبتلا نہ ٿيندو. (مرقاة المفاتيح ج 8 ص 499 تحت الحديث 4739) ﴿9﴾ ڇِڪ ڏيڻ واري کي گهرجي تہ ڏاڍيان حمد ڪري تہ جيئن ڪو ٻڌي ۽ جواب ڏي. (ردالمحتار ج 9 ص 684) ﴿10﴾ ڇِڪ جو جواب هڪ دفعو واجب آهي، ٻيو ٽيون ڇِڪ اچي ۽ اُهو اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ چوي تہ ٻيهر جواب واجب ناهي بلڪ مستحب آهي. (عالمگيري ج 5 ص 326) ﴿11﴾ جواب اُن صورت ۾ واجب ٿيندو جڏهن ڇِڪ ڏيڻ وارو اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ چوي ۽ جيڪڏهن حمد نہ ڪري تہ جواب ناهي. (بهار شريعت، جلد 3 ص 477) ﴿12﴾ خطبي جي وقت ڪنهن کي ڇِڪ اچي تہ ٻڌڻ وارو اُن جو جواب نہ ڏي. (فتاوي قاضي خان ج 2 ص 377) ﴿13﴾ ڪيئي اسلامي ڀائر موجود هجن تہ ڪجهہ حاضرين جواب ڏنو تہ سيني جي پاران جواب ٿي ويو پر بهتر اهو آهي تہ سيئي جواب ڏين. (ردالمحتار، ج 9 ص 684) ﴿14﴾ ديوار جي پٺيان ڪنهن کي ڇِڪ آئي ۽ اُن اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ چيو تہ ٻڌڻ وارو اُن جو جواب ڏي. (ايضًا) ﴿15﴾ نماز ۾ ڇِڪ اچي تہ سڪوت ڪري (يعني خاموش رهي) ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ چيائين تہ بہ نماز ۾ حرج ناهي ۽ جيڪڏهن اُن وقت حمد نہ ڪيائين تہ فارغ ٿي ڪري. (عالمگيري، ج 1 ص 98) ﴿16﴾ توهان نماز پڙهي رهيا آهيو ۽ ڪنهن کي ڇِڪ آئي ۽ توهان جواب جي نيّت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ چيو تہ توهان جي

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

نماز ٽٽي ويندي. (ايضاً) ﴿17﴾ ڪافر ڪي ڇنڪ آئي ۽ اُن اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چيو تہ جواب ۾ يَهْدِيْكَ اللهِ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ تو کي هدايت ڏي) چيو وڃي.
(رد المحتار ج 9 ص 684)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر　　پاؤگے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

# ”يا نبي اللّٰه“ جي نوا ڪرڻ جي نسبت سان ننهن ڪٽڻ جا 9 مدني گل

﴿1﴾ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهن. ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن تہ جمعي جو انتظار نہ ڪريو. (درمختار ج 9 ص 668) صدرُالشَّريعہ، بدرالطَّريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي بهار شريعت، جلد 3 ص 583 ۾ فرمائن ٿا: منقول آهي: ”جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله تعاليٰ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهہ ڏينهن تائين. (مرقاةالمفاتيح ج 8 ص 212 تحت الحديث 4422) هڪ روايت ۾ هي بہ آهي تہ جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي تہ رحمت نازل ٿيندي ۽ گناهہ ڇڻندا. (درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 668) ﴿2﴾ هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي منقول طريقي جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار ڇيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کٻي هٿ جي ڇيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ هاڻي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي. (درمختار و ردالمحتار، ج 9 ص 670، احياءُ العلوم، ج 1، ص 193) ﴿3﴾ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي تہ ساڄي پير جي ڇيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري ڇيچ سميت ننهن ڪٽيو. (درمختار، ج 9 ص 670) ﴿4﴾ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروهہ

فرمانِ مصطفي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 358) **﴿5﴾ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروه آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهہ) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي.** (ايضًا) **﴿6﴾ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اڇلائي ڇڏيو تہ بہ حرج ناهي.** (ايضًا) **﴿7﴾ ڪٽيل ننهن بيتُ الخلا يا غسل خاني ۾ اڇلائڻ مڪروه آهن، جو ان سان بيماري پيدا ٿئي ٿي.** (ايضًا) **﴿8﴾ اربع جي ڏينهن نُنهن نہ ڪٽڻ گهرجن، ڇوتہ ڪوڙهہ جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي البت جيڪڏهن اوڻيتاليهہ ڏينهن کان نہ ڪٽيا هئا، اڄ اربع چاليهون ڏينهن آهي جيڪڏهن اڄ نہ ڪٽيا تہ چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ ٿي ويندا تہ اُن تي واجب ٿيندو تہ اڄ جي ئي ڏينهن ڪٽي ان ڪري جو چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ ننهن رکڻ ناجائز ۽ مڪروه تحريمي آهي.** (تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويہ جلد 22 صفحو 574، 685 ملاحظہ فرمايو) **﴿9﴾ ڊگها ننهن شيطان جي نشست گاهہ آهن يعني انهن تي شيطان ويهندو آهي.**

(اتحاف السادة للزبيدي ج 2 ص 653)

**هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.**

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکوٰۃ ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا

جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”چل مدينه“ جي ستن اکرن جي نسبت سان جُتي پائڻ جا 7 مدني گل

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان ڪي جيستائين جتي پاتل هوندي آهي جڻ اهو سوار آهي (يعني ٿڪاوٽ گهٽ ٿيندي) (مسلم ص 1161 حديث 2096) ﴿2﴾ جُتي پائڻ کان پهرين ڇنڊي ونو تہ جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي تہ نڪري وڃي ﴿3﴾ پهرين ساڄو جوتو پايو پوءِ کاٻو ۽ لاهڻ وقت پهرين کاٻو ۽ پوءِ ساڄو. نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي تہ ساڄي کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي تہ کاٻي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي.

(بخاري ج 4 ص 65 حديث 5855)

**نُزهَةُ القاري** ۾ آهي: مسجد ۾ **داخل** ٿيڻ وقت حڪم هي آهي تہ پهرين ساڄو پير مسجد ۾ رکي ۽ جڏهن مسجد کان نڪري تہ پهرين کاٻو پير ٻاهر ڪڍي، مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ان (جتي پائڻ جي ترتيب واري) حديث تي عمل دشوار آهي. **اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ان جو حل هن طرح ارشاد فرمايو: جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيو تہ پهرين کاٻو پير ڪڍي ڪري جُتي جي مٿان رکي پوءِ ساڄو پير جُتي مان ڪڍي مسجد ۾ داخل ٿئي، ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر ٿيو تہ کاٻو پير ٻاهر ڪڍي جتي تي رکو پوءِ ساڄو پير ڪڍي ڪري ساڄو جوتو پايو پوءِ کاٻو پائي وٺو. (نزهة القاري ج 5 ص 530) **﴿4﴾** مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري **﴿5﴾** ڪنهن حضرت سيِّدَتُنَا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرداڻي عورت تي لعنت فرمائي آهي. (سنن ابي داؤد ج 4 ص 84 حديث 4099) صدرُالشَّريعہ، بدرالطَّريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي بهار شريعت ج 3 صفحي 422 تي فرمائن ٿا: يعني عورتن کي مرداڻا جوتا نہ پائڻ کپن. بلڪ اُهي تمام ڳالهيون جن ۾ مردن ۽ عورتن ۾ امتياز ٿيندو آهي انهن ۾ هر هڪ کي ٻين جي وضع قطع اختيار ڪرڻ (يعني نقل ڪرڻ) جي ممانعت آهي، نہ مرد عورت جي وضع اختيار ڪري نہ عورت مرد جي. **﴿6﴾** جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو. **﴿7﴾** (تنگدستي جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ) اونڌي جوتي کي ڏسو ۽ ان کي سڌو نہ ڪرڻ. ”دولت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

بي زوال" ۾ لکيل آهي تہ سجي رات جُتي اُبتي پيل رهي تہ شيطان اچي اُن تي ويهندو آهي، هي هن جو تخت آهي. (سني بهشتي زيور حصو 5 ص 601) استعمال واري جُتي اُبتي پيل هجي تہ ان کي سڌي ڪريو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر　　پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

# ”مديني جي حاضري“ جي پارهن اکرن جي نسبت سان گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا 12 مدني گل

﴿1﴾ جڏهن گهران ٻاهر نڪرو تہ هي دعا پڙهو: ”بِسۡمِ اللّٰہِ تَوَکَّلۡتُ عَلَی اللّٰہِ لَاحَوۡلَ وَلَا قُوَّۃَ اِلَّا بِاللّٰہِ“ ترجمو: **الله** جي نالي سان، مون **الله** تي ڀروسو ڪيو. **الله** ڪان سواءِ نہ (گناهن کان بچڻ جي) قوت آهي ۽ نہ (نيڪيون ڪرڻ جي) طاقت آهي. (سنن ابن داود، ج 4 ص 420 حديث 5095) **اِنۡ شَآءَاللّٰه** عَزَّوَجَلَّ انهيءَ دعا ڪي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندو مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ **الله**عَزَّوَجَلَّ جي مدد شاملِ حال رهندي ﴿2﴾ گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا: اَللّٰھُمَّ اِنِّیۡۤ اَسۡئَلُکَ خَیۡرَ الۡمَوۡلَجِ وَخَیۡرَ الۡمَخۡرَجِ بِسۡمِ اللّٰہِ وَلَجۡنَا وَبِسۡمِ اللّٰہِ خَرَجۡنَا وَعَلَی اللّٰہِ رَبِّنَا تَوَکَّلۡنَا۔ (ايضًا حديث 5096) ترجمو: **الله** عَزَّوَجَلَّ**!** آئون تو کان داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جي ڀلائي گهران ٿو، **الله**عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان اسان (گهر ۾) داخل ٿياسين ۽ انهي جي نالي سان ٻاهر آياسين ۽ پنهنجي پالڻهار **الله**عَزَّوَجَلَّ تي اسان ڀروسو ڪيو) دعا پڙهڻ ڪانپوءِ گهر وارن کي سلام ڪري پوءِ بارگاهِ رسالت ۾ سلام عرض ڪري ان کان پوءِ ”سوره اِخلاص“ شريف پڙهي. **اِنۡ شَآءَاللّٰه** عَزَّوَجَلَّ روزي ۾ برڪت، ۽ گهرو جهيڙن کان بچاءُ ٿيندو. ﴿3﴾ پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي مَحارِم ۽ مَحرمات (مثال طور ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، ٻارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو ﴿4﴾ بنا **الله** (عَزَّوَجَلَّ) جو نالو وٺڻ جي مثال طور بِسۡمِ اللّٰہِ چوڻ بنا جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان بہ اُن سان گڏ داخل ٿي ويندو آهي ﴿5﴾ جيڪڏهن اهڙي گهر (ڪٿي پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو بہ نہ هجي تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَیۡنَا وَعَلٰی عِبَادِ اللّٰہِ الصّٰلِحِیۡنَ (يعني اسان تي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهي سلام جو جواب ڏيندا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

(ردالمحتار ج 9 ص 682) **يا هن ريت چوي:** اَلسَّلَامُ عَلَيۡکَ اَيُّـهَاالنَّبِيُّ **(يعني يا نبي توهان تي سلام) ڇوته حضور اقدس**صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي.** (بهار شريعت حصو 16 ص 96، شرح الشفاء للقاري ج 2 ص 118) **﴿6﴾ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو ته هيئن چئو:** اَلسَّلَامُ عَلَيۡکُم **ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ ﴿7﴾ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نه ملي ته خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نه ڏني هجي ﴿8﴾ جڏهن ڪو توهان جي گهر جو دروازو ڪڙڪائي ته سنت اها آهي ته پڇو: ڪير آهي؟ ٻاهران واري کي گهرجي ته پنهنجو نالو ٻڌائي: مثال طور چوي: "محمد الياس" نالو ٻڌائڻ جي بدران انهيءَ موقعي تي "مدينه!" "آئون آهيان!" "دروازو کوليو" وغيره چوڻ سنّت ناهي ﴿9﴾ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو ته جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نه پوي ﴿10﴾ ڪنهن جي گهر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ منع آهي. ڪجھ ماڻهن جي گهرن جي سامهون هيٺئين پاسي ٻين جا گهر هوندا آهن تنهنڪري بالڪوني وغيره مان جهانڪڻ وقت ان ڳالھ جو خيال رکڻ گهرجي جو انهن جي گهرن ۾ نظر نه پوي ﴿11﴾ ڪنهن جي گهر وڃو ته اُتان جي انتظامات تي بي جا تنقيد نه ڪريو ان سان اُن جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي ﴿12﴾ واپسيءَ تي گهروارن جي باري ۾ دعا به ڪريو ۽ شڪريو به ادا ڪريو ۽ سلام به ۽ ٿي سگهي ته ڪو سنتن ڀريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جا شايع ٿيل ٻه ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِ شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو　　لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو
پاؤگے راحتیں قافلے میں چلو　　ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "اِثمِد" جي چئن اکرن جي نسبت سان سرمو لڳائڻ جا چار مدني گل

﴿1﴾ "سننِ ابن ماجہ" جي روايت ۾ آهي: "سيني سرمن مان بهتر سرمو "اِثمِد" آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

وڏائي ٿو". (ابن ماجه، حديث 3497 ج 4 ص 115) **﴿2﴾** پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروهه آهي ۽ زينت جو ارادو نه هجي ته ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359) **﴿3﴾** سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي. (مِراٰةُ المناجيح ج 6 ص 180) **﴿4﴾** سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻه، (3) ته ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻه ٻه ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218، 219) اهڙي طرح ڪرڻ سان ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** تعظيم جا جيترا به ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جا شايع ٿيل ٻه ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو  سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر  پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا

جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "ڪاش جنّتُ البَقِيع ملي" جي پندرهن اکرن جي نسبت سان سمهڻ جاڳڻ جا 15 مدني گل

﴿1﴾ سمهڻ کان اڳ ۾ بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو ته جيئن ڪا ايذاءُ ڏيندڙ شيءِ وغيره هجي ته نڪري وڃي ﴿2﴾ سمهڻ کان اڳ هيءَ دعا پڙهي وٺو: اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَ اَحْيَا ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي نالي سان ئي مران ٿو ۽ جيان ٿو (يعني سمهان ٿو ۽ جاڳان ٿو) (بخاري، حديث 6325 ج 4 ص 196) ﴿3﴾ عصر کان پوءِ نه سمهو عقل ختم ٿيڻ جو ڊپ آهي. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "جيڪو شخص عصر کان پوءِ ستو ان جو عقل ختم ٿي ويو ته پاڻ کي ملامت ڪري." (مسند ابي يعليٰ ج 4 ص 278 حديث 4897) ﴿4﴾ ٻنپهرن جو قيلولو (ڪجھ دير ليٽڻ) مستحب آهي. (عالمگيري ج 5 ص 376) صدرُ الشَّريعه، بدرُ الطّريقه حضرت علامه مولانا محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: غالباً هي انهن

ماڻهن جي لاءِ هوندو آهي جيڪي رات جو جاڳندا آهن، رات جو نمازون پڙهندا آهن، ذِڪر الٰهي ڪندا ۽ ڪتاب پڙهڻ يا مطالعو ڪرڻ ۾ مشغول رهندا آهن ته جيئن رات جو جاڳڻ ۾ جيڪا ٿڪاوٽ ٿي سا قيلولي سان ختم ٿي وڃي. (بهارشريعت ج 3 ص 435) **﴿5﴾** ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمهڻ مڪروهه آهي. (عالمگيري ج 5 ص 376) **﴿6﴾** سمهڻ لاءِ مستحب اهو آهي ته پاڪائي سان سمهي ۽ **﴿7﴾** ڪجهه دير ساڄي پاسي هٿ ڳل جي هيٺان رکي قبلي ڏانهن منهن ڪري سمهي ۽ ان ڪان پوءِ کاٻي پاسي سمهي. (ايضا) **﴿8﴾** سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري ته اُتي اڪيلو سمهڻو پوندو عملن ڪان سواءِ ڪير به گڏ نه هوندو **﴿9﴾** سمهڻ وقت ياد خدا ۾ مشغول هجي، تهليل، تسبيح ۽ تحميد پڙهي. (يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ، سُبۡحٰنَ اللّٰه ۽ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه جو وِرد ڪندو رهي) ايستائين جو سمهي پوي انسان جنهن حالت تي سمهندو آهي اُن تي ئي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي اُن تي ئي قيامت جي ڏينهن اٿندو. (ايضا) **﴿10﴾** جاڳڻ ڪان پوءِ هي دعا پڙهو: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِيۡۤ اَحۡيَانَا بَعۡدَ مَاۤ اَمَاتَنَا وَ اِلَيۡهِ النُّشُوۡرُ. (بخاري حديث 6325، ج 4 ص 196) **ترجمو:** سڀ تعريفون **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ ڪان پوءِ زنده ڪيو ۽ انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي. **﴿11﴾** انهي وقت پڪو ارادو ڪري ته پرهيز گاري ۽ تقويٰ اختيار ڪندو، ڪنهن کي به نه ستائيندو. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 376) **﴿12﴾** جڏهن ڇوڪري يا ڇوڪرِيءَ جي ڄمار ڏهه سال ٿئي ته انهن کي الڳ الڳ سمهارڻ گهرجي بلڪ ان ڄمار جو ڇوڪرو ايڏي وڏي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناھ معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

(يعني پاڻ جيڏن) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان گڏ نہ سمهي. (درمختار و رد المحتار ج 9 ص 629) **﴿13﴾** مڙس زال جڏهن ڪٿ تي گڏ سمهن تہ ڏھ سال جي ٻار کي پاڻ سان گڏ نہ سمهارين، ڇوڪرو جڏهن حد شهوت کي پهچي تہ اُهو مرد جي حڪم ۾ آهي. (درمختار ج 9 ص 630) **﴿14﴾** ننڊ مان سجاڳ ٿي ڏندڻ ڪريو **﴿15﴾** رات جو ننڊ مان سجاڳ ٿي تهجُّد ادا ڪريو تہ وڏي سعادت آهي. سرڪار مدينہ راحت قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”فرض کان بعد افضل نماز رات جي نماز آهي.“ (صحيح مسلم ص 591 حديث 1163)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　　سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر　　　پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مبلغن ۽ مبلغائن جي بارگاھ ۾ ڪجھ عرض

هر سنتن ڀري بيان جي آخر ۾ حتي الامڪان ڪجھ نہ ڪجھ سنتون ٻڌايو، سنتون ٻڌائڻ کان پهريان پيراگراف نمبر 1 ۽ ٻڌائڻ کان پوءِ نمبر 2 پڙهي ٻڌايو (مبلغہ اسلامي ڀينرون آخري پيري مان قافلي وارو حصو نہ بيان ڪن)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتیں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو — سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر — پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ماخذ و مراجع


| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| كنز الايمان مع خزائن العرفان | مكتبة المدينہ باب المدينہ كراچی | كنزالعمال | دارالكتب العلمية بيروت |
| صحيح بخارى | دارالكتب العلمية بيروت | مشكوٰة المصابيح | دارالكتب العلمية بيروت |
| صحيح مسلم | دارابن حزم بيروت | مرقاة المفاتيح | دارالمعرفة بيروت |
| سنن ابن ماجه | دارالمعرفة بيروت | درمختارو ردالمحتار | دارالمعرفة بيروت |
| مسند امام احمد | دارالفكر بيروت | فتاویٰ رضويه | رضا فائونديشن لاهور |
| المعجم الاوسط للطبراني | دارالكتب العلمية بيروت | اتحاف سادة المتقين | دارالكتب العلمية بيروت |
| شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت | كتاب الصمت | المكتبة العصريه بيروت |

